# صوبه سنڌ جا تمام گورنمينٽ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول

## توجه ڏين

## SAT Phase–III (2014-15) جو سيمپل پيپر

محڪمه تعليم ۽ خواندگي کاتي حڪومت سنڌ ڪلاس پنجين ۽ ائين جي شاگردن جي تعليم جي معيار ڪي جانچڻ لاءِ اسٽينڊرڊائزڊ اچيومينٽ ٽيسٽ(SAT) جي نالي سان هڪ پروجيڪٽ جو آغاز ڪيو آهي . هن پروجيڪٽ ۾ حڪومت سنڌ کي ورلڊ بئنڪ جو تعاون حاصل آهي. SAT امتحان هرسال ٿيندو آهي ۽ ان جو بنيادي مقصد قومي نصاب 2006/07 جي تحت ٻارن جي تعليمي قابليت ڪي جانچڻ آهي . هن پروجيڪٽ تي ريفارم سپورٽ يونٽ پوري سنڌ ۾ سکر آئي . بي . اي جي تعاون سان عمل درآمد ڪرائي رهيو آهي. **SAT Phase–III (2014-15)** جو امتحان پوري صوبي جي پنجين ۽ ائين جي شاگردن کان جنوري ۽ فيبروري 2015 ۾ ورتو ويندو. **SAT Phase–III (2014-15)** جو امتحان لينگويجز (سنڌي / اردو / انگريزي اسڪول جي ميڊيم جي مطابق) رياضي ۽ سائنس جي مضمونن مان ورتو ويندو. هي امتحان MCQs, FIBs ۽ CRQs تي مشتمل هوندو. (MCQ), (FIB) ۽ (CRQ)جي هڪ هڪ مثال هيٺ ڏني وئي آهي جيئن استاد شاگردن کي **SAT Phase–III (2014-15)** جي امتحان جي تياري مؤثر نموني ڪرائي سگهن.

**MCQ**جو مثال

سوال: هر اها شيءِ جيڪا جڳهه والاري ۽ مايو هجيس ان کي ڇاچئبو آهي؟

Ⓐ توانائي Ⓑ مادو Ⓒ طاقت Ⓓ جسم

**FIB** جو مثال

سوال: 580+395 برابر آهي..................

**CRQ** جو مثال

سوال: توهان ويجهڙائي ۾ جنهن شادي ءَ ۾ شرڪت ڪئي آهي ان جي وضاحت ڪريو ۽ ٻڌايو ته :

(الف) اُتي توهان ڇا ڪاڌو (ب) ڇا توهان لطف اندوز ٿيا يا تنگ ٿيا

________________________________.

________________________________.

## وڌيڪ معلومات

سکر آئي-بي-اي پروجيڪٽ جي لاءِ هڪ ويب سائيٽ ٺاهي آهي ان ويب سائيٽ تي پروجيڪٽ جي متعلق تمام معلومات فراهم ڪئي ويئي آهي ان ويب سائيٽ تي 26000 کان وڌيڪ سوالات موجود آهن. اُهي سوالات ڪلاس پنجين ۽ ائين جي لينگويجز (سنڌي، اردو ۽ انگريزي) رياضي ۽ سائنس جي مضمونن مان ورتا ويا آهن. هيڊٽيچرز ۽ استاد **SAT** ويب سائيٽ کي استعمال ڪندي شاگردن جي لاءِ انهن جي ڪلاس جي مطابق ٽيسٽ تيار ڪري سگهن ٿا. شاگرد ويب سائيٽ تي موجود آن لائين ٽيسٽ جي مشق به ڪري سگهن ٿا. شاگردن ، استادن ، هيڊٽيچرز ، والدين ۽ ٻين متعلق ماڻهن کي **SAT Phase–III (2014-15)** جي امتحان جي طريقيڪار کان واقف ڪرڻ جي لاءِ امتحاني پرچي جا نمونا ٽنهي ميڊيمز يعني سنڌي ، اردو ۽ انگريزي ۾ پروجيڪٽ جي ويب سائيٽ **www.satsindh.net.pk** تي موجود آهن. سڀني هيڊٽيچرز ۽ استادن کي عرض ٿوڪجي ته هُو شاگردن کي هدايت ڪن ته هُو**(2014-15) SAT Phase–III** جي امتحان جي ڏينهن جيوميٽري باڪس پاڻ سان گڏ کڻي اچن ۽ امتحان ۾ حاضررهن.

آخرم پوري صوبه سنڌ جي سڀني گورنمينٽ پرائمري اسڪولز (بوائز،گرلز، ڪوايجوڪيشن) جي سڀني هيڊٽيچرز کي عرض ٿو ڪجي ته هُو پنهنجي پنهنجي اسڪولن جي ڪلاس پنجين جي شاگردن کي پنهنجي قريبي گورنمينٽ مڊل / هاءِ / هائيرسيڪنڊري اسڪولز ۾ **SAT Phase–III (2014-15)** جو امتحان ڏيڻ لاءِ موڪلين. **SAT Phase–III (2014-15)** جو امتحان جنوري ۽ فيبروري **2015** جي مهينن ۾ ورتو ويندو ۽ ان امتحان جي مخصوص ڏينهن ۽ تاريخن جي باري ۾ اوهان کي ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ سکر آئي-بي-اي طرفان آگاهه ڪيو ويندو.

**براءِ مهرباني وڌيڪ معلومات جي لاءِ رابطو ڪندا.**

**Hamid Ali Shaikh**
Senior Programme Officer (SAT)
Department of Training & Development
Sukkur IBA, Airport Road, Sukkur-65200
URL: www.satsindh.net.pk, www.iba-suk.edu.pk
Email : hamid@iba-suk.edu.pk
Office : 071-5630272
Ext : 178

**Zamir Khan**
Deputy Programme Manager (SAT)
Reform Support Unit
Education and Literacy Department
Government of Sindh
NJV School Building, M.A. Jinnah Road, Karachi
muhammad_zamir71@hotmail.com
Office #: 021-99216408

ARR-0460